# ٻارن لاء بائبل
تحفو



# ستائڻ واري کان مبلغ تائين

لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.





خُدا پنهنجي ماڻهن جي
ذريعي شروعاتي ڪليسياءَ
۾ وڏا وڏا ڪم ڪيون.

هڪڙو ماڻهو، جنهن جو نالو
فلپس آهي، هڪڙي پريل
شهر ۾ ماڻهن کي يسوع بابت
ٻڌائڻ ۾ مصروف هو. پر خُدا
کيس ريگستان ۾ موڪليو. ڇو؟


خُدا کي خبر هئي ته ريگستان ۾
هڪ مسافر وڃي رهيو هو،
جيڪو ايٿوپيا جي راڻي ڪنداڪي
جو وزير هو. هو پنهنجي گهر
وڃي رهيو هو ۽ ڪوخاص
ڪتاب پڙهي رهيو هو.
چا توهان اندازو
لڳائي سگهو ٿا
ته اهو ڪهڙو
ڪتاب هو؟
3


جڏهن فلپس خُدا جي فرمانبرداري ڪئي،
خُدا هن کي
سڌو سنئون
حڪمران
ڏانهن وٺي
ويو، جيڪو خُدا
جي ڪلام کي سمجهڻ
کان سواء پڙهي رهيو
هو. هن فلپس کي ساٿس
شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني.
4


"ان جو مطلب چا آهي؟" وزير
فلپس کان پڇيو. جيئن رٿ
ريگستان مان سفر ڪري رهيو
هو، فلپس پنهنجو وات کوليو ۽
يسوع جي خوشخبري جي
منادي ڪرڻ لڳو.
5


آفريڪا جي حڪمران
جلد ئي بائبل جي پيغام کي مڃيو،
ته يسوع مسيح خُدا جو فرزند آهي.
ڪجهه پاڻي ڏسي، هن چيو ته، "مون
کي بپتسما وٺڻ کان ڪهڙي روڪ آهي؟"
6


تڏهن فلپس چيو ته "جيڪڏهن تون پوريءَ دل ۽ جان سان
ايمان آڻين، ته ٿي سگهين ٿو. جڏهن حاڪم جواب ڏنو ته" مون
کي يقين آهي ته يسوع مسيح تي.
7


هاڻي جڏهن اهي پاڻيءَ مان ٻاهر
آيا، تڏهن خُداوند جو روح فلپس
کي اتان وٺي ويو، تنهنڪري
آفريقي حاڪم کيس وڌيڪ ڪون
ڏٺو. هو خوش ٿي ايٿوپيا ڏانهن
موٽيو!
8

پر ڪجهه ماڻهو مسيحن کان نفرت ڪندا هئا. استيفنس، فلپس
جي دوستن مان هڪ هو، ناراض ماڻهن پاران قتل ڪيو ويو
هو، جيڪي نه چاهيندا هئا ته هو يسوع بابت ڳالهائي. ترسيس
مان شائول نالي هڪڙو ماڻهو استيفنس کي مارڻ ۾ مدد ڪئي
هئي. شائول سڀني مسيحن کان نفرت ڪندو هو.



9

شائول، مسيحن جي خلاف
ڌمڪيون ۽ قتل ڪرڻ سان ڳڻ،
سردار ڪاهين ڏانهن ويو ۽ خط
ورتو جهين ۾ هن کي مردن يا
عورتن کي گرفتار ڪرڻ جو
حق ڏنو جيڪي يسوع جي
پيروي ڪندا هئا.



10

ترسيس جو ويچارو
شائول! هن کي خبر نه
هئي ته جڏهن هن خُدا
جي ماڻهن کي نقصان
پهچايو، هو اصل ۾
پاڻ خُداوند يسوع کي
نقصان پهچائي رهيو
هو. خُدا کي شائول کي
روڪڻو پيو. پر
ڪيئن؟



11

خُدا شائول کي "گرفتار"
ڪري ٿو! جڏهن شائول
دمشق جي شهر ڏانهن
رستي تي هو، خُدا آسمان
مان هڪ عظيم روشني
جين چمڪيو. شائول
زمين تي ڪري پيو. پوءِ
هن هڪ آواز ٻڌو.



12



اي خُداوند "تون ڪير آهين؟" شائول رڙ ڪئي.
"مان يسوع آهيان، جنهن کي توهان ايذايو ٿا."
ڏڪندي ۽ حيران ٿي، شائول پڇيو، "اي خُداوند،
تون مون کان ڇا ٿو گهرين ته آئون ڪريان؟" ۽
خُداوند هن کي چيو تہ "اُٿ ۽ شهر ۾ وڃ، پوءِ تو
کي ٻڌايو ويندو تہ تو کي ڇا ڪرڻ گهرجي."



13

شائول سان گڏ
ماڻهن به آواز
ٻڌو، پر ڪو به نه
ڏٺو. شائول زمين
تان اٿيو - ۽ ڏٺائين
ته هو انڌو آهي!
اهي ڪيس دمشق
ڏانهن وٺي ويا.



14

شهر ۾، شائول ٿي
ڏينهن بغير ڏٺي ۽ نه
کاڌو نه پيتو. ٽي سگهي
ٿو ته هن اهو وقت خُدا
يسوع جي دعا ۾ گذاريو
جيڪو دمشق جي
رستي تي مليو هو.



15

خُدا سڀ ڪجهه رٿابندي ڪئي هئي.
دمشق ۾ حنانياه نالي هڪڙو شاگرد هو.
خُداوند کيس شائول جي مدد ڪرڻ
لاء موڪليو. حنانياه ڊڄي ويو.
پر هن خُدا جي فرمانبرداري
ڪئي. جڏهن هن شائول تي
هٿ رکيا، ته هُو ڏسڻ
لڳو - ۽ شائول خُدا
جي پاڪ روح
سان پرجي ويو.



16

شائول کي بپتسماء ڏني وئي. پوءِ
هن کاڌو. ۽ جڏهن هن کي کاڌو
مليو، تڏهن کيس مضبوط ڪيو
ويو. شائول کي طاقت جي
ضرورت هئي. هن کي هڪ
تمام ضروري ڪم ڪرڻو هو.



17

شائول فوري طور تي عبادت خانن ۾
مسيح جي تبليغ ڪئي ته هو خُدا جو
فرزند آهي. پوءِ جن ٻڌو سي سڀ
حيران ٿي ويا ۽ چيائون تہ "ڇا اهو
اهو نہ آهي جنهن مسيحن کي ناس
ڪيو؟" ۽ ڪُجهن
شائول کي
مارڻ جي
سازش
ڪئي.



18

شائول جي نون
دشمنن شهر جي دروازن
تي نّظر رکيون ته جيڪڏهن هن شهر
ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو هُن کي
قتل ڪري سگهن. پر سندس نوان
دوست، مسيحن، رات جو کيس
وٺي ويا ۽ هڪ وڏي ٽوڪري ۾
ديوار جي مٿان لاٿو. ۽ ان وقت کان
وٺي، شائول جو مسيحن تي ظلم
ڪندڙ هو پنهنجي نئين ماسٽر، خُداوند
يسوع مسيح جو وفادار پيروڪار
جي حيثيت ۾ رهندو هو.



19

ستائڻ واري کان مبلغ تائين

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

رسولن جا ڪم ٨ ـ ٩

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

20






هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويو۽ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ذيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.